**الطاف حسين جوکيو**

# شاهہ جي ٽن شارحن جو تقابلي جائزو

***Abstract***

**A comparative analysis of the works of three experts of Shah**

*It is observed that as short stories or characters are given in Quran Sharif for getting righteous path to develop better society, Shah Abdul Latif Bhitai also used the famous stories and their characters to develop the soft sentiments and good thoughts in people of Sindh. As the themes and verses of Quran are being expressed from the beginning till today, in the same way different viewers define various thoughts about the poetry of Shah Latif. The main cause of aforesaid combination is: 'the poetry of Shah Latif is based on the themes of Quran.*

*That is why he said:*

جي تو بيت ڀانيان، سي آيتون آهين،

نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي.

*In this article I tried to expose the different work and style of scholars who searched and tried to express the facts and views of poetry. Simply, I analyze their work comparatively and focused on 'Sur Kedaro', which is being remained controversial. I think the aforesaid 'Sur' has remained controversial due to religious commitment.*

*In this paper I referred three compilation of 'Shah jo Risalo' and analyzed their work comparatively; these are: Dr. Haut Chand Mool Chand Gurbakhsani, Allam I. I. Qazi, Mr. Ghulam Muhammad Shahwani.*

*After comparing and contrasting work done by them, the main variation is come before: 'Sur Kedaro'. I referred this variation in the views of different scholars and try to prove that the 'Sur Kedaro' is the part of 'Shah jo risalo' which is being remained controversial due to religious commitment.*

**شاه عبداللطيف ڀٽائي** هڪ آفاقي شاعر آهي، جنهن جي شاعري سراسر هدايت آهي؛ اُهو ئي سبب آهي، جو شاه صاحب جي شاعريءَ کي هر مڪتبہ فڪر جي عالمن پڙهيو، پرکيو ۽ پروڙيو آهي. اها هڪ حقيقت آهي تہ هر عالم پنهنجي ليکي چوکي ڪوشش ڪئي آهي، سوچ ۽ فڪر موجب شاعريءَ کي پرکي ان جي شرح ڪئي آهي. اهو شاه جي شاعريءَ جو ڪمال آهي، جو ان ۾ هر مڪتبہ فڪر جو ماڻهو پنهنجي سوچ ۽ فڪر جو اولڙو پسي ٿو؛ پوءِ اهو وحدانيت جو پرچارڪ هجي، فنا في



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

الرسول هجي، امامت جو قائل هجي، تصوف ۾ نفساني خواهشن جو تارڪ هجي، قومپرستيءَ جو قائل هجي يا علم ادب جو ڪوڏيو هجي، مطلب ته شاه جي شاعري هر مڪتبہءَ فڪر جي ماڻهوءَ جي دلين ۾ ذهنن تي اثر ڪيو آهي.

جهڙي ريت قرآن پاڪ ۾ مختلف دورن جي ننڍن ننڍن قصن ۾ ڪردارن جي عڪاسي ٿيل آهي، پر قرآن پاڪ قصي خوانيءَ جو ڪتاب نہ ٿو لڳي، بلڪ انهن قصن ذريعي انسانن کي هدايت ڪئي وئي آهي، ساڳيءَ طرح ڪلام الله جي پيروي ڪندي لطيف سائينءَ بہ سنڌ جا نيم تاريخي داستان ڳايا آهن، جن ذريعي هن پنهنجي فڪر ۽ سوچ جو پرچار ڪيو آهي. جيئن قرآن پاڪ جا ترجما يا تشريحون عام آهن، تيئن شاعريءَ جي هدايت وارو رستو بہ جاري آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ قرآن پاڪ جي ترجمن ۽ تفسيرن جو تعداد سوَن ۾ هوندو. ان هوندي بہ عالمن ۽ شارحن جي سوچن جا زاويا پيا ٿا مٽجن ۽ ڪوبہ ترجمي يا تفسير يا اُن جي اونهائيءَ تائين رسائيءَ جي اڪيلي دعويٰ نہ ٿو ڪري. ان جو اهم سبب اهو آهي تہ ڪلام الله ۾ دنيا جي هر خشڪ و تر جو ذڪر ٿيل آهي. ان حوالي سان هڪ عالم جي هر علم يا مضمون تي دسترس تہ آهي ڪانہ! ان لاءِ هر ماهر مضمون ان تي نرالي نظر رکي سگهي ٿو. هڪ طب يا ميڊيسن جو ماهر ان مان نت نوان خيال ۽ سوچون اخذ ڪري اچي ٿو؛ هڪ ڪيميا جو ماهر ان مان پنهنجي علم آهر نوان فارمولا آشڪار ڪري ٿو؛ هڪ طبيعات جو ماهر ان تي نرالي نظر رکي ٿو؛ هڪ رياضيدان ان مان رياضيءَ جا عجيب و غريب انگ اکر ڪڍي ٿو؛ هڪ ماهر نفسيات قرآن پاڪ جي ڏسيل هدايتن مان نت نوان نفسياتي لاڙا ۽ رخ ٻڌائي ٿو؛ فصاحت بلاغت جو ڄاڻو ان جي هر آيت تي ماهرانہ راءِ رکي ٿو؛ هڪ صاحب شريعت ان مان اخلاقيات جا نت نوان زاويہ سامهون آڻي ٿو: مطلب تہ قرآن پاڪ جو اهو معجزو آهي جنهن ۾ هر مڪتب فڪر توڙي علم جو عالم پنهنجي حصي جو درست ڪم ڪندي نت نوان خيال ۽ سوچون اخذ ڪري ٿو.

لطيف سائينءَ جي ڪلام جو بنياد قرآن پاڪ هجڻ سبب، ان جي ڪلام ۾ بہ آفاقيت آهي. اڄ سوڌو لطيف سائينءَ جي ڪلام تي هيترو سارو ڪم ٿيو آهي، ليڪن هر ماڻهو پوءِ بہ اها ئي دانهن ڪري ٿو تہ: لطيف جي ڪم تي تحقيق ۽ درست تشريح ٿيڻ گهرجي! اها حقيقت بہ آهي تہ جيڪو لطيف جي شاعريءَ تي ڪم ٿيڻ گهربو هو، اهو درست رخ ۾ نہ ٿي سگهيو آهي. لطيف جي شاعريءَ جي شارحن تي سرسري نظر

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

رکبي تہ ڏهن ڪان ويھ شارحن جا نالا ملندا جن باقاعدي ڪم ڪيو آهي، ٻي صورت ۾ موضوع وار ڪم جو ڪاٿو سوَن جي تعداد ۾ ٿيندو.

هڪ لسانيات جو ماهر پنهنجي مخصوص فن ۽ فڪر سان نرالو ڪم ڪري سگهي ٿو؛ هڪ گرامر جو ماهر ان ۾ گرامر جي اصولن ۽ اصطلاحن موجب ڪم ڪري سگهي ٿو؛ هڪ ٻوليءَ جو ماهر، پهاڪن، چوڻين، اصطلاحن، محاورن يا ورجيسن جي ڪڙي ۾ رهي ڪري نرالو ڪم ڪري سگهي ٿو؛  هڪ صوتيات جو ماهر، يا هڪ صرفيات جو ماهر، يا هڪ رسم الخطن جو ماهر لطيف سائين جي مختلف قلمي نسخن تي نرالي انداز ۾ تحقيق ڪري سگهي ٿو؛ هڪ ڏنڌن ڌاڙين جو ڄاڻو، پورهيت طبقي جي ويجهو رهندڙ ماڻهو ان حوالي سان ڪم ڪري سگهي ٿو؛ هڪ تاريخدان تاريخ جي روشنيءَ ۾ ڪم ڪري سگهي ٿو؛ هڪ ماهر معاشيات ان عنوان جي حد ۾ رهي ڪم ڪري سگهي ٿو؛ هڪ نفسيات جو ماهر نفسياتي لاڙن ۽ رخن تي نرالو ڪم ڪري سگهي ٿو: مطلب تہ اهڙا ڪيئي موضوع ٿي سگهن ٿا جن تي ڪم ڪرڻ جي نرالي انداز ۾ ضرورت آهي. اهو ئي سبب آهي جو اڄ سوڏو جن عالمن اديبن ڪم ڪيو آهي، سي پوريءَ طرح مطمئن ناهن ۽ لطيف سائين تي ڪم ٿيندو پيو هلي. ان حوالي سان ائين چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ ڪنهن بہ عالم جو ڪيل ڪم حرف آخر ناهي، هي تحقيق ۽ علم جو ڪم آهي جيڪو اڳئين ڪان اڳرو ۽ بهتر ڪان بهتر ٿي سگهي ٿو.

جس آهي انهن عالمن اديبن کي جن هيل تائين لطيف سائين جي شاعريءَ تي ڪم ڪيو آهي، جن ۾ چند نالا فخر سان وٺي سگهجن ٿا، جهڙوڪ: ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، ڪلياڻ آڏواڻي، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، علامہ آءِ. آءِ قاضي، علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي، مسٽر غلام محمد شهواڻي، مسٽر عثمان علي انصاري، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، محترم ٻانهو خان شيخ، وغيره. ان ڪان علاوه فڪري طور تي جن ماڻهن ڪم ڪيو آهي، تن ۾ جي. ايم سيد، ڊاڪٽر تنوير عباسي، ڊاڪٽر غلام نبي سڌايي، ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر، ڊاڪٽر فهميده حسين، ڊاڪٽر ام ڪلثوم شاه، محترم بدر ابڙي وغيره جا نالا ڳڻي سگهجن ٿا.

موضوع مطابق ٽن شاه جي شارحن جي ڪيل ڪم کي سامهون رکي مختصر تقابلي جائزو پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي: 1 هوتچند مولچند گربخشاڻي، 2 علامہ آءِ. آءِ قاضي، 3 غلام محمد شهواڻي.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شاهه لطيف جي شاعريءَ تي ڪيل تحقيق يا شرحن مان جيڪا حيثيت ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي آهي، سا ڪو ٻيو عالم ماڻي نه سگهيو آهي. هڪ ته ڊاڪٽر گربخشاڻي سنڌي ٻوليءَ جو اهو پهريون عالم هو جنهن شاهه جي شاعريءَ، شخصيت ۽ فڪري سفر ڪي تحقيق جي جديد اصولن تي پرکڻ جي ڪوشش ڪئي. هن ڪان اڳ شاهه لطيف تي تحقيقي ڇنڊ ڇاڻ ڪنهن به عالم ڪانه ڪئي هئي. ان ڪان سواءِ سنڌس تنقيدي مقدمو هڪ وڏو شاهڪار آهي. ڊاڪٽر صاحب 1947ع ڪان اڳ شاهه جي رسالي جا ٽي جلد ڇپرائي سگهيو، چوٿون جلد ڇپجي نه سگهيو ۽ هن فيبروري 1947ع ۾ پرلوڪ پڌاريو. چوٿون جلد سنڌس خاندان جي لڏپلاڻ سبب ڪاغذات هيٺ مٿي ٿيڻ ڪري ضايع ٿي ويو، نه ان ڪي سنڌس اولاد سنڀالي سگهيو ۽ نه وري سنڌس اهم شاگردن ئي ان جو خيال ۽ جاچ رکي سگهيا. ان هوندي به ڊاڪٽر صاحب جي اڻپوري شاهه جي رسالي کي اڄ به صاحب تحقيق عزت جي نگاهه سان ڏسندا آهن.

سنڌس ترتيب ڏنل شاهه جي رسالي ۾ جيڪو وچور ڏنل آهي، ان جو مختصر تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

جلد پهريون: سر ڪلياڻ، سر يمن ڪلياڻ، سر کنڀات، سر سريراڳ، سر سامونڊي: هن جلد ۾ ڪل پنج سر ڏنل آهن.

جلد ٻيون: سر سهڻي، سر سسئي آبري، سر معذوري، سر ديسي، سر ڪوهياري ۽ سر حسيني: هن جلد ۾ ڪل ڇهه سر ڏنل آهن.

جلد ٽيون: سر ليلان چنيسر، سر مومل راڻو، سر مارئي، سر ڪاموڏ، سر گهاتو، سر سورٺ ۽ سر ڪيڏارو: هن جلد ۾ ڪل ست سر ڏنل آهن.

سنڌس ترتيب ڏنل ٽنهي جلدن ۾ ڪل 18 سر ٽين ٿا، باقي چوٿين جلد ۾ باقي 12 سر شامل ٿيڻا هئا، جيڪي اڄ سوڌو ظاهر نه ٿي سگهيا آهن، ان ڪري ان رسالي جي سرن ۾ تعداد بابت ڳالهائڻ اجائي ڳالهه ٿيندي.

سنڌس موجود جلدن ۾ سُر جي حوالي سان شاهه سائينءَ جا بيت داستان وار ڏنل آهن، انهن بيتن واري صفحي جي فوٽ نوٽ ۾ جيڪي شاهه جا رسالا پنهنجي تحقيقي ڇنڊ ڇاڻ ۾ آندا اٿس، سي هيٺيان آهن:

بل = بلڙيءَ وارو قلمي نسخو؛

بم = بمبئيءَ وارو سنگي ڇاپو؛

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پٽ = پٽ وارو قلمي نسخو؛

ٽر = ٽرمپ صاحب وارو ڇاپو؛

مير = مير عبدالحسين ٽالپر وارو قلمي نسخو؛ ۽

ميوز = برٽش ميوزيم لنڊن وارو قلمي نسخو.

بيتن جي تقابلي ڇنڊ ڇاڻ بعد ان سر جي تشريح ۽ داستان جو پس منظر ڏنل آهي ۽ داستان وار لفظن جي معنيٰ ۽ تشريح ڏني وئي آهي. اهڙي انداز سان پورو رسالو ترتيب ڏنو ويو آهي، جنهن جا فقط 18 سر منظر عام تي اچي سگهيا؛ باقي سرن جو تفصيل اڄ سوڌو معمو بڻيل آهي.

آنجهاني ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو شاه سائينءَ جي حوالي سان مقدمو هڪ تنقيدي شاهڪار جي حيثيت رکي ٿو، جنهن کي الڳ سان ڪتابي صورت ۾ ڇاپيو ويو هو، بعد ۾ ٽن جلدن ۾ سهيڙيل شاه جي رسالي اڳيان مقدمي جي حيثيت ۾ ڇاپيو ويو. هن مقدمي جا اڄ تائين سنڌ ۽ هند ۾ ڪيترائي ڇاپا پڌرا ٿي چڪا آهن. ڊاڪٽر گربخشاڻي اهو پهريون عالم هو، جنهن شاه جي شاعريءَ تي باقاعدي تحقيقي ڪم جو رواج وڌو.

گربخشاڻي کان پوءِ علامہ آءِ. آءِ قاضي سنڌ جو اهو ٻيو وڏو عالم هو، جنهن نئين سنڌ جي تعمير ۽ تعليمي ماحول پيدا ڪرڻ ۾ پاڻ موکيو. سنڌ جي بمبئيءَ کان آزاديءَ بعد نئين سنڌ جي تعليمي ۽ ادبي ماحول کي سڌارڻ ۽ سنوارڻ لاءِ هن عالم شخص پنهنجو پاڻ کي ارپي ڇڏيو. سنڌي ادبي بورڊ جي فيصلي هيٺ شاه جي شاعريءَ تي فڪري ترتيب جي حوالي سان اهم ڪم ڪيائين، جنهن کي سنڌي ادبي بورڊ مانائتي نموني ڇپائي پڌرو ڪيو.

علامہ قاضي صاحب جيڪو شاه جو رسالو ترتيب ڏنو ان ۾ ڪل 29 سر ڏنل آهن، جنهن ۾ سر ڪيڏارو ڇاڏايل ڪونهي. جنهن ۾ سندس خيال هيو تہ اهو سر شاه جو چيل ڪونهي بلڪ فتح فقير ۽ احسان فقير جو ٿي سگهي ٿو. سندس ترتيبيل رسالي جو انداز ائين آهي جو سر ۽ داستان وار شاه جا بيت ڏنل آهن، ۽ انهن لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم الف بي وار 'معنيٰ جي پٽي' جي عنوان سان آخر ۾ ڏنل آهي؛ جڏهن تہ شاه جي شاعريءَ جي حوالي سان ڪو مقدمو ڇاڏايل ڪونهي. علامہ صاحب جيڪو فڪري طور تنقيدي ڪم ڪيو هو، سو البتہ مقدمي جي حيثيت سان نئين ڇاپي ۾ آڻجي تہ تمام

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

بهتر ٿيندو.

سندس ترتيب ڏنل شاهه جي رسالي جي خاص ڳالهه اها بہ آهي تہ هن رسالي جي آخر ۾ سر سهڻي ڏنو ويو آهي، جنهن لاءِ قاضي صاحب جو خيال هو تہ سر سهڻي پٽ ڏٽيءَ جي فڪري ۽ خيال جي اڏام جي تڪميل جو سُر آهي، ۽ هن سر ۾ شاه سائين جا خيال ٻين سرن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ پختا ۽ زوردار آهن.

غلام محمد شهواڻي صاحب هڪ بهترين استاد هو، نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد جو هيڊ ماسٽر ٿي رهيو. هن بزرگ علمي ۽ ادبي حوالي سان وڏو ڪم ڪيو، ان ۾ سندس شاهڪار ڪم شاه جي رسالي جي ترتيب آهي.

سندس ترتيب ڏنل رسالي ۾ ڪل 30 سر ڏنا ويا آهن، سرن کان اڳ پنجن فصلن ۾ مقدمو پيش ڪيو ويو آهي جيڪو ڪافي معياري آهي. سرن جي شروعات ۾ هر سر بابت معنيٰ، مفهوم يا ان جو پس منظر بہ ڏنو ويو آهي. هر صفحي تي ڏنل بيتن جي نون لفظن جون معنائون ۽ وضاحتون ڪلياڻ آڏواڻيءَ وانگر فوٽ نوٽ واري هنڌ ڏنيون ويون آهن.

ٿنهي شارحن جي ڪيل ڪم تي نظر ڏرڻ سان جيڪو اهم تضاد سامهون اچي ٿو سو آهي 'سر ڪيڏاري' جي داخلا! ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ هن سر کي تنقيد جي ٻنيءَ ۾ آٽي ان جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري ڇهہ داستان ڏنا آهن. غلام محمد شهواڻيءَ بہ ڇهہ داستان ڏنا آهن، ليڪن انهن ۾ ڪي بيت تحقيقي ڇنڊ ڇاڻ تحت ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ رد ڪيا آهن.

علامہ آءِ. آءِ قاضي مورڳو ان خيال جو هيو تہ 'ڪيڏارو' شاه سائينءَ جو آهي ئي ڪونہ! جن بزرگن شاه جي شاعريءَ تي ڪم ڪندي سر ڪيڏاري کي رد ڪيو، تن ۾ علامہ عمر بن محمد دائود پوٽو، علامہ قاضي، مولانا دين محمد وفائي ۽ بعد ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جن جا نالا آڏو اچن ٿا.

جن بزرگن سر ڪيڏاري کي شاه جي ڪلام ۾ بحال رکيو، تن ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڪلياڻ آڏواڻي، غلام محمد شهواڻي، مرزا قليچ بيگ، علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي، ٻانهون خان شيخ وغيره اچي وڃن ٿا. علامہ قاسميءَ ان بابت وچٽري راءِ رکي تہ: "هن سر جا گهڻا بيت احسان فقير جا چيل آهن" (قاسمي: 1951ع: 237)

هت صرف شاه لطيفؒ جي سُر ڪيڏاري تي ڇنڊ ڇاڻ ڪبي، جيڪو ڪافي بحث مباحثي جو شڪار رهيو آهي تہ اهو واقعي بہ شاهہ صاحب جو آهي يا ماڳهين ٻين

بزرگن جو؟ ان حوالي سان ڊاڪٽرگربخشاڻيءَ باقائدي تحقيق ۽ تنقيد جي اصولن موجب سر ڪيڏاري تي ڪم ڪندي، ڪافي بيت چندي ڇاڻي، ٻين سالڪن جا بيت ڌار ڪري باقي بيت شاهه جي ترتيب ڏنل پنهنجي نسخي ۾ شايع ڪرائي، ابتدائي ڪوشش ورتي. ان وقت سندس شاگرد ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو سر ڪيڏاري تي ساڻس بحث مباحثو ڪندو رهيو ۽ ان ڳالهه تي بضد رهيو ته سر ڪيڏارو شاهه لطيف جو چيل ئي ڪونهي.

مولانا دين محمد وفائي'لطف اللطيف' ۾ ص: 141 تي لکي ٿو ته: "سرڪيڏاري بابت يقيني طرح چئي نه سگهبو ته ڪو شاهه جو چيل آهي، پر جيڪڏهن هيئن چيو وڃي ته شاهه صاحب جو چيل ئي نه آهي ته ڪنهن حد تائين درست آهي." (وفائي: 141)

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ دؤر جديد ۾ 'شاهه جو رسالو، شاهه جو ڪلام' تي ڏهن جلدن ۾ تحقيقي ڪم ڪيو آهي، سو لکي ٿو ته: "سر ڪيڏاري بابت اڳين عالمن جي ڏنل راين مان گهڻي حد تائين اها تصديق ٿئي ٿي ته رسالي (بمبئي ڇاپي) ۾ شامل ڪيڏاري جا بيت شاهه جا چيل ناهن، پراها صفائي نه ٿي سگهي ته ڪنهن جا چيل آهن. البته مير عبدالحسين خان سانگيءَ لکيو ته 'بمبئي ڇاپي وارو داستان ڇهون، فتح فقير جو چيل آهي.' موجوده تحقيق دوران پوري تصديق ٿي ته سر ڪيڏاري جا بيت، هالن پراڻن جي قادري طريقي جي شيخ ۽ مرشد سيد عبداللطيف ۽ سندس فقيرن چيا ۽ گهڻي ڀاڱي اهي احسان فقير لانگاهه چيا، سيد عبداللطيف هالن پراڻن ۾، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ولادت کان 27سال اڳ وفات ڪئي." (بلوچ، 1998ع: 48)

اهڙي قسم جي تحقيق ۽ تنقيد جو بنياد ميرعبدالحسين خان سانگيءَ جي ان ڳالهه کي بڻايو ويو، جنهن اهو لکيو هو ته: " بمبئي ڇاپي وارو آخري (ڇهون) داستان فتح فقير جو چيل آهي." مير سانگي مرحوم بنيادي طور مذهب اهلبيت سان واسطو رکندڙ هو، ان ڪري سندس لکت کي بنياد بنايو ويو ۽ علامه آءِ. آءِ قاضيءَ ۽ ڊاڪٽر دائود پوٽي تحقيق ڪري سر ڪيڏاري کي شاهه جي رسالي مان ڪڍي ٻاهر ڪيو.

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ رواجي نسخن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري چند بيت تحقيق جي بنياد تي رد ڪندي باقي سر ڪيڏاري ۾ بحال رکندي لکي ٿو ته:" ڪن صاحبن جو رايو آهي ته هي سر شاهه جو ڪلام ناهي، مگر احسان فقير جو چيل آهي، جيڪو شاهه



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جو همعصر هو؛ شاهه جي رسالي ۾ انهن جي هڪ نه ٻي مصرع ۾ 'احسان سين' لفظ آهن، هي صاحب چون ٿا ته اهي لفظ اصل ۾ 'احسان چوي' آهن، مگر رسالي ۾ بدلائي 'احسان سين' ڪيا ويا آهن. انهيءَ دعويٰ جي ٻي ڪابه شاهدي ڪانهي، احسان فقير به امامن جي شهادت بنسبت گهٽيئي بيت چيا آهن، مگر عبارت توڙي خيالي قوت ۾ اهي شاهه جي بيتن سان مٽ پئجي نه سگهندا." (گربخشاڻي، 1996ع: 664)

هوبهو ساڳيو رايو شاهه جي شارح غلام محمد شهواڻيءَ به رکيو آهي، باقي اڳتي ايترو ضرور لکيو اٿس ته: " ڪي صاحب شايد شاهه کي صرف سُني ثابت ڪرڻ جي خيال کان سر ڪيڏارو شاهه جو ڪلام ڪري نه ٿا مڃين، اها هنن جي تنگ دلي آهي، شاهه فرقي بازيءَ جي فتني کان گريز ڪندو هو." (شهواڻي، 1961ع: 921)

سر ڪيڏاري کي شاهه جو تسليم نه ڪرڻ جو هڪ سبب اهو به ڄاڻايو ويندو آهي ته شاه جو اڪثر ڪلام ذاتي مشاهدن تي مبني آهي؛ جڏهن ته شاهه لطيف ڪربلا ويو ئي ڪونه هو ۽ نه وري ڪو خيال هيس! اهڙي ڳالهه مير عبدالحسين سانگيءَ جي "لطائف لطيفي" جي حڪايت 18 ۾ ملي ٿي ته : "ان ڪربلا جي سفر (کي ترڪ ڪري پنهنجي مريد) کان موٽڻ بعد فقيرن کي فرمايائون ته جنهن کي به اڇا ڪپڙا آهن، اهو رنگين ڪري ۽ ڪارو پٽڪو ٻڌي. پاڻ به رنگين ڪپڙا پهريائون. "سر ڪيڏارو" جيڪو خاص امام عليہ السلام جي ماتم ۽ غم ۾ آهي، چيائون ۽ فقيرن کي فرمايائون: سيد الشهداء (امام حسين عليہ السلام) جي زيارت ته ڪانه ٿي سگهي، پر اسان جي سچي دل سان اسان کي زيارت جو شرف حاصل ٿيو. ان ڪري اوهان تي ڪيڏارو چوڻ ، انهن جي ياد ۾ روئڻ ۽ محبت رکڻ لازم آهي. توهان کي انهن جي صدقي الله تعاليٰ بخشيندو. ان ڪري هينئر به فقير ڪيڏارو ضرور چوندا آهن ته جڻ ماتم واقع ٿو ٿئي. ۽ ڪيڏارو لطيف جو چيل آهي، پر ان جو آخري داستان "فتح فقير" جو چيل آهي، جو اهو به شاعر هو. ان جي ئي التجا تي ان داستان کي فقيرن ياد ڪيو ۽ آخر رسالي شريف ۾ داخل ڪيائون. داستان جي شروعات جو بيت هي آهي، جيڪو فتح فقير جو چيل آهي:

ڪونر قلعي جا ڪوڏيا! جانڪيتائين جيءُ،
مـــتان اڙن اســري، رڪ پيـــالو پـــيءُ،
ڳاهه ڳجهـن جـو ٿـيءُ، ويني جن ورهه ٿيا." (سانگي، 1986ع: 86، 87)

ساڳي روايت ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ 'رسالي جو ڪلام' جي مقدمي ۾ نقل



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪئي آهي، جتي اهم فقري کي ٽيڪن ۾ رکيو ويو آهي، اُها اِها ته: ”سر ڪيڏارو جيڪو خاص امام عليہ السلام جي ماتم ۽ غم ۾ آهي، چيائون ۽ فقيرن کي فرمايائون: سيد الشهداء (امام حسين عليہ السلام) جي زيارت ته ڪانه ٿي سگهي، پر اسان جي سچي دل سان اسان کي زيارت جو شرف حاصل ٿيو. ان ڪري اوهان تي ڪيڏارو چوڻ ، انهن جي ياد ۾ روئڻ ۽ محبت رکڻ لازم آهي. توهان کي انهن جي صدقي الله تعاليٰ بخشيندو.“ ان حوالي ڏيڻ کان پوءِ ڊاڪٽر بلوچ، مير صاحب تي جرح ڪئي آهي ته ”غور ڪرڻ سان مير سانگي جي نقل ڪيل هيءَ روايت نهايت ڪمزور نظر اچي ٿي: جيڪي چيو ويو آهي، سو نه شاهه صاحب جي شان وٽان آهي، ته نه وري ان مان ڪيڏاري جو شاهه جو چيل هجڻ ثابت ٿئي ٿو. هڪ ته مير سانگي اهو ڪونه لکيو آهي ته هيءَ روايت ساڻس ڪنهن بيان ڪئي: جڻ ته سندس هن روايت جو ڪو راوي ئي ڪونهي. شاهه صاحب ڪربلاِ معليٰ وڃڻ جو پوري سڪ سان ارادو ڪيو ۽ پٺ تان روانو به ٿيو: بيشڪ اهو هڪ اعليٰ مقصد هو؛ پر سڄي رسالي ۾ شاهه جي ڪلام ۾ جيڪا ترغيب ڏنل آهي سا هيءَ آهي ته جڏهن ڪو اعليٰ مقصد سامهون هجي ته تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهجي ۽ ضرور ان تائين پهچجي. شاهه جي ڏنل تعليم ۾، وچ مان ورڻ ۽ واٽ تان موٽڻ هڪ وڏو عيب آهي. ’موٽڻ‘ واري مصلحت ڀڏٽي ئي ڪانهي!

موٽڻ جي مصلحت، مون کي ڏئو مَ جيڏيون
موٽڻ بدران بهتر ته موٽڻ کان اڳ ماڻهو مري وڃي:
موٽي مران ماء ، موٽڻ کان اڳ ڪيئن مران.

ڪربلا جو ارادو ڪري هلڻ ۽ اچانڪ واٽ تان وري اچڻ شاهه صاحب جي اعليٰ ڪردار توڙي رسالي ۾ ڏنل سندس تعليم ۽ ترغيب جي ابتڙ آهي.“ (بلوچ، 1996ع: 20- 21)

ڄاڻايل جرح جو انداز به تحقيقي نه آهي، پر مفروضو آهي، ڇوته هي تصوف جا راز آهن، روحانيت ۽ روحاني ڪيفيتن جي آمد آهي. فقيرن وٽ روحاني ديدار يا ميلاپ جي وڏي اهميت آهي؛ جڏهن ته شرعي ليڪا ظاهر وارن تي آهن. ان ليکي تحت روحاني خواب جي ڪا شرعي حيثيت ڪانهي. ڇو ته سانگي لطيف سائينءَ جي روايت ڏني آهي ته: ”سيد الشهداء (امام حسين عليہ السلام) جي زيارت ته ڪانه ٿي سگهي، پر اسان جي سچي دل سان اسان کي زيارت جو شرف حاصل ٿيو.“ ان حيثيت ۾ ڊاڪٽر

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

بلوچ صاحب جي ڪيل جرح ڪا معنيٰ نہ ٿي رکي. هي شاعر جون ڪيفيتون آهن: جن ۾ ڪڏهن سسئيءَ جي وڇوڙي جي صورت کي سونهن بخشيل آهي، تہ ڪڏهن وري ڪو وجود نہ هوندي بہ وصال جي اپٽار آهي:

ڳوليان ڳوليان مَ لهان، شال مَ ملان هوت.
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

يا وري لطيف سائين ڪنهن مهل سُتل سسئي کي پيو چِتائي، تہ ڪنهن ويري سجاڳ سسئيءَ جا ورلاپ پيو ورجائي:

توکي ڳُهَرَ ڳرو ڪِئو، هوءَ ٿا هوت هلن.
مٺيس جهل مهار، ڪنيس ڪاهہ مَ ڪرهو.

جيڪڏهن انهن ڪيفيتن کي غيرتحقيقي انداز ۾ ۽ مسلڪ جي عينڪ پائي جاچبو تہ پوءِ سڄي رسالي تان هٿ کڻڻو پوندو! اهڙو غيرتنقيدي ۽ تحقيقي اظهار عثمان علي انصاري 1944ع ۾ لاڙڪاڻي جي هڪ ادبي ڪانفرنس ۾ هيئن ڪيو هو تہ:

بيت نہ پانيو پائرو، آيتون آهين،
نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي.

اهو بہ بيت شاهہ جو ناهي. جيڪڏهن شاهہ لطيف پنهنجي بيتن کي قرآن جون آيتون ٿو ڪوٺي تہ اهو ڪلام اسان کي نہ کپي.“ (انصاري، 1988ع: 41) پر جيئن تہ هي روحانيت جو پهلو ۽ پيچرو آهي، ان لاءِ فڪر جا انداز بہ اهڙا رکڻا پوندا.

شاهہ جو موجوده شارح ٻانهو خان شيخ ڪيڏاري کي شاهہ صاحب جو مڃيندي، اهڙن مڙني مفروضن کي رد ڪري ٿو، جيڪي بنا دليل حرف آخر طور مڙهيا ويا آهن، مثال: ” مرحوم مير عبدالحسين سانگيءَ جي روايت تہ سن 1250هہ يا ان کانپوءِ شايع ٿيل شاہ جي رسالن جي آخري داستان وارا بيت (جن جو عدد 19 آهي) فتح فقير جا چيل آهن، پڻ بي بنياد آهي ڇاڪاڻ تہ اهي سڀيئي بيت سن1207هہ ۾ لکيل گنج شريف ۾ موجود آهن. ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي هڪ تقرير ۾ جنهن جو خلاصو 12-اپريل 1995ع واريءَ عبرت اخبار ۾ شايع ٿيو هو، اظهار ڪيو هو تہ: ”شاهہ صاحب جي رسالن ۾ درج ٿيل سر ڪيڏارو هالن پراڻن جي هڪ سيد عبداللطيف حسنيءَ جو چيل آهي، جيڪو شاهہ صاحب کان. اڳاٽي دؤر جو شاعر هو ۽ سر ڪيڏارو اڃا تائين ان سيد جي درگاهہ تي ڳايو ويندو آهي.“ جڏهن تہ مرحوم محمد صالح پٽيءَ هالن پراڻن

واري جو چوڻ هو تہ احسان فقير جي پڙ تي ڳايو ويندو هو. سن 1417هه / 1996ع ۾ ڊاڪٽر صاحب جي ڇپايل ڪتاب ”شاهہ جو رسالو _ رسالي جو ڪلام“ جي صفحي 811 تي ڄاڻايو ويو آهي تہ رسالي ۾ شامل ڪيڏاري جا گهڻا بيت قادري طريقي جي شيخ ۽ مرشد سيد عبداللطيف (پراڻا هالا) جي فقيرن چيا ۽ گهڻي ڀاڱي اهي احسان فقير لانگاهہ چيا. مسٽر ايس. تبسم لطيفؒ سائينءَ جي 238 ورسيءَ جي موقعي تي رسالي ”نذر لطيف“ ۾ شايع ٿيل پنهنجي مقالي ۾ لکيو آهي تہ، ”شاهہ جي رسالي ۾ درج ٿيل سر ڪيڏاري ۾ ڪل 73 بيت آهن، جن مان 43 بيتن جي لاءِ خود شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ صاحب جي راءِ هئي تہ شاهہ صاحب جا چيل ناهن، باقي 30 بيتن مان 12 بيت شاهہ صاحب جي همر عصر ٿرپارڪر جي مشهور شاعر صوفي فقيرن جي جد امجد صادق فقير جي رسالي ۾ موجود آهن ۽ رهيل 18بيتن ڪي، جي تحقيق جي ڪسوٽي تي پرکبو تہ اورئي نظارو پسبو.“ هن وڌيڪ لکيو آهي تہ، ”شاهہ جي رسالي ۾ هر سر ۽ هر سر جي هر داستان ۾ شاهہ صاحب جو نالو يا تخلص موجود آهي، مگر سر ڪيڏاري جي ڪنهن بہ هڪڙي بيت ۾ شاهہ صاحب جو نہ نالو آهي ۽ نہ تخلص.“ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب پنهنجي ڪتاب ’فقير صاحب صوفي محمد صديق جو راڳنامو‘ جي مقدمي ۾ ڄاڻايو آهي تہ فقير صاحب ڀِٽائي صاحب جي وفات کان پنج سال پوءِ 1170 هه ۾ ڄائو هو، ۽ چاليهن سالن کانپوءِ فقيريءَ ڏانهن مائل ٿيو، اهو سن 1210 هه کان پوءِ ٿيو هوندو، جڏهن تہ سر ڪيڏارو سن 1210 هه تائين شاهہ صاحب جي رسالن جي پراڻن نسخن ۾ درج ٿي چڪو هو. صوفي صاحب جي رسالي ۾ ايس تبسم صاحب جا ڄاڻايل 12 بيت بہ انهن پراڻن رسالن ۾ اڳيئي درج ٿي چڪا هئا. وري جيتريقدر سر ڪيڏاري ۾ ڪنهن بہ بيت يا وائيءَ ۾ شاهہ صاحب جي نالي يا تخلص نہ هجڻ جو تعلق آهي، تہ ان جو اهو جواب ڪافي ٿيندو تہ شاهہ صاحب جي مختلف رسالن ۾ هزارين بيت آهن، جن مان صرف ڪن سَوَن بيتن ۾ شاهہ صاحب جو نالو يا تخلص آهي پر ڪاهوڙيءَ جي سڄي سر جي ڪنهن بہ بيت يا وائيءَ ۾ شاهہ صاحب جو نالو يا تخلص ڪونهي. اهڙيءَ طرح سر رپ جي ڪنهن بہ بيت ۾ نالو يا تخلص ڪونهي. وري ايئن چوڻ تہ شاهہ صاحب جي رسالن ۾ درج ٿيل سر ڪيڏارو احسان فقير لانگاهہ جي پڙ تي يا سيد عبداللطيف حسني/ قادريءَ جي درگاهہ تہ ڳايو ويندو آهي، تنهنڪري انهن بزرگن سان نسبت رکي ٿو، ناڪافي ۽ نامناسب آهي.

Shah Abdul Latif Bhatai Chair

ڊاڪٽر بلوچ صوفي فقير جي راڳنامي جي صفحي 11 تي لکيو آهي ته: ’صوفي صاحب شاهه جي رسالي مان گهڻو ڪلام پنهنجي مرشد جي درگاهه جهوڪ شريف تي ڳارايو‘ جنهن جو اهو مطلب نه ٿيندو ته اهو ڪلام صوفي صاحب يا ان جي مرشدن ڏانهن منسوب ڪجي. وڏي تپرس جي ڳالهه اها ٿيندي ته شاهه صاحب سر رامڪليءَ ۾ هندو جوڳي فقيرن، سر ڍهر ۾ ڪڇ جي لوڙائو ۽ ڏاڙيل لاکي ڦلاڻيءَ ۽ سر گهاتوءَ ۾ موهڙي مهاڻي ۽ ان جي پائرن جي ڪن خوبين کي ساراهي پر حضرت امام حسين ۽انجي خاندان جن دين اسلام کي زنده رکڻ لاءِ هيڏي قرباني ڏني، ان لاءِ ڪجهه به نه چوي.“ (ٻانهو، 2000ع: 26، 27، 28)

احسان فقير جي سر ڪيڏاري جي مطالعي مان ايترو معلوم ضرور ٿئي ٿو ته هن جي ڄاڻايل مواد ۾ شاعري جا مختلف انداز آهن، جنهن مان اهو گمان ٿئي ٿو ته سندس پڙ تي ڳائڻ جي حوالي سان ڪيڏاري جا بيت هِتان هُتان گڏ ڪري ڳايا ويا هجن يا ڳائيندا هجن؛ ڇو ته پڙن جو اڪثر اهو ئي ماحول هوندو آهي، اهميت صرف محرم جي حوالي سان ڪربلا جي ياد کي تازو ڪرڻ ئي هوندو آهي. اهڙن مختلف شاعريءَ جي اندازن جي بنياد تي سڄي شاعريءَ کي ڏانهس منسوب ڪونه ڪبو. سندس (احسان فقير جي) هن نظم معريٰ جي اسلوب کي ڏسو جيڪو سندس الف اشباع جي نوعيت جي بيتن مان هڪ آهي:

انهيءَ اونهي سر جي ، ڪـــل نه پـــوي ڪا،
ذرو ڪـــــو ظاهر ٿيو ، منجهه روضه الشهداءَ،
حضرت مير حسين تولد ٿيو ، موچارو مقبولا،
رسول ڪريم سڪر ڏني ، ســـرنهاري سهجا،
تان اينـــئان لهـــي آئيو ، ملـــڪ جبـــرائيلا،
انهـــيءَ پـــر احســـان چئي ، حقيقت حالا،
مٺي ماٺ جڳاءِ ، ڪچـــڻ آهي ڪـــينڪي. (پٺي، 1965ع: 24)

مٿين حوالن جي ڇنڊ ڇاڻ بعد ايترو اندازو ضرور ٿئي ٿو ته شاهه جو ڪيڏارو مذهبي ڪٽرپڻيءَ ۽ مسلڪ جي ور چاڙهيو ويو آهي، ان لاءِ ان کي ڪٿي احسان فقير جو ته ڪٿي فتح فقيرجو ته ڪڏهن سيد عبداللطيف هالن پراڻن واري جو ڪيڏارو چيو ويو آهي. مطلب ته هرويرو اها راءِ بيهارڻ ته سر ڪيڏارو ماڳهين شاهه لطيف جو آهي ئي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪونہ يا وري ڪو هڪ بيت بہ ڪيڏاري جي حوالي سان شاهہ صاحب سان منسوب نہ ڪرڻ، سراسر ڏاڍائي آهي ـ ڪٽرپڻي جو اظهار آهي.

مولانا وفائيءَ جي انهي راءِ تہ: " جيڪڏهن هيئن چيو وڃي تہ شاهہ جو چيل ئي نہ آهي، تہ ڪنهن حد تائين درست آهي." جي موٽ ۾ مرزا ڪاظم رضا بيگ 'سنڌي مرثئي جي اوسر' واري مضمون ۾ ڄاڻايو آهي تہ " مگر اهو سراسر غلط ۽ بي بنياد بهتان آهي، جناب ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي تحقيق مطابق سر ڪيڏارو شاهہ صاحب جو ئي چيل آهي." (مرزا، 1986ع: 18)

جڏهن تہ دؤر جديد ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سر ڪيڏاري کي شاهہ جو ڪلام مڃڻ کان نابري واري بيٺو آهي، حالانڪ ٺيٺ ائين ڪپندو هو تہ سواءِ مستند ڇاپي يا قلمي بياض جي، بيتن جي چند چاڻ لاءِ خيالن جي پرواز ۽ لفظن جي ترڪيبي پختگيءَ کي بہ بنياد بڻائجي ها اهڙا اصول يا معيار متعين بہ ڪيا ويا هئا، ڊاڪٽر عبدالغفار سومري جي ڄاڻائڻ موجب: "اهي معيار يا بنياد، جن کي ڪسوٽي بنائي اهو فيصلو ڪري سگهجي ٿو، يا ڪيو ويو آهي، تہ هيءُ شاهہ جو ڪلام آهي ۽ هيءُ شاهہ جو ڪلام ناهي، سي ڊاڪٽر بلوچ صاحب هيٺينءَ ريت مقرر ڪيا آهن:

مطالعي هيٺ آيل رسالن جي تعداد جو معيار.

رسالن جي قدامت جو معيار.

رسالن جي پيٽ جو معيار.

ٻوليءَ جو معيار.

شاعريءَ جو معيار.

اعليٰ فهم ۽ فڪر جو معيار.

انهن معيارن کي ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ ريت استعمال ڪيو ويو آهي، ان وضاحت جي هتي گنجائش ناهي، البت ڊاڪٽر صاحب پنهنجي طرفان انهن جي ڪافي وضاحت ڪري ڇڏي آهي. ليڪن ڪنهن بہ محقق يا تنقيد نگار کي انهن معيارن کي ئي ڄاڃٽو پوندو يا انهن تي تنقيدي نظر وجهڻي پوندي تہ اهي ڪهڙي لحاظ کان گهٽ وڌائيءَ جو شڪار آهن يا انهن ۾ ڪهڙي تبديلي ڪري، انهن کي بهتر ڪري سگهجي پيو! (سومرو، 2005ع: 21)

جڏهن اعليٰ فهم ۽ فڪر جي معيار کي آڏو رکيو ويو ۽ بيتن کي اُنهن جي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

داستانن جي ڪسوٽيءَ تي پرکيو ويو هو ته پوءِ ته سسئيءَ جي سرن جا ههڙا بيت به رد ٿيڻ کپندا هئا. جيڪي فڪر جي لحاظ کان ڪيڏاري جي ڏانءَ وٽان آهن. مثال:

اڪين ڪين ڪيو، جو رت نه رنائون،
پلاٽيندي پرينءَ کي، بيٺي ڏٺائون،
انهن اکين کي آئون، ڪجل کهڙو پائيان.

منيس جهل مهار، ڪنيس ڪاهه مَ ڪرهو،
مون نماڻيءَ جي نجهري، پيرو ڪج پتار،
ساجن! توهان ڌار، ڏنم ڏينهن قيام جو.

الله ڪارڻ اوٺيا، ڪرها مَ ڪاهيو،
جانب جڏي جيءَ جو، آڳاندو آهيو،
لاڳاپو لاهيو، متان منهنجو، سپرين.

اکين ڪين ڪيو، رت نه رنائون،
اُيي ڏٺائون، ڦوڙائبا سپرين.

مذڪوره بيتن ۾ سجاڳ سسئي، دل گهرين کي اکين سان پلاٽيندي ڏسي ٿي ۽ روج راڙو ڪري ٿي، جڏهن ته عام رواجي قصي واري سسئي ته ستل ۽ غافل هئي: ”ستينءَ سنجهيئي، مُهُ ويڙهي مٿن جيئن.“ مقصد ته چند بيت تحقيق جي بنياد تي ضرور رد ڪري سگهجن ٿا. ليڪن سموري ڪيڏاري جي ڪڍڻ ۽ چڪي بڻائي پاڙؤن پٽي ڪڍڻ جا غير مناسب دليل ڏيڻ کي صرف ٿي صرف مذهبي عينڪ پائي، فيصلو ڏيڻ جي برابر ٿيندو.

شاهه لطيف جي فڪر ۽ ڳوڙهائيءَ ۽ سندس ڪلام جي پختگيءَ واري ڪسوٽيءَ تي جاچي ڏسجي ٿو ته سر ڪيڏاري کي لطيف جو ڪلام ٿي مڃڻو پوندو. هن سر جي بيتن ۾ شاهه جي شاعراڻين خوبين جي وسعت ملي ٿي، اسلوب ۽ ٻولي شاهه جي آهي، ان ڪري اهو مڃڻ لاءِ وڏا ڪارڻ آهن ته هي سر شاهه جو ٿي چيل آهي: ڇو ته احسان فقير، فتح فقير يا سيد عبداللطيف هالن پراڻن واري جو ڪلام عوام تائين رسائي ٿي نه



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪري سگهيو هو. شاهه لطيف فرمائي ٿو:

چار ترارون چيلهه سين، ٻڌي ٻه پاڳون،
اڳين جون آڳون، ڪَونرَ ڪلي ۾ موڪيون.

هن بيت ۾ چئن ترارن مان مراد : چئني آسماني ڪتابن جو علم ۽ ٻن پڳن مان مراد: هڪ نبوت، ٻي امامت. يعني ناني ۽ پيءُ جون ذميواريون (ڇو ته، حديثن ۾ سورة ڪوثر جي روشنيءَ ۾ اچي ٿو ته "منهنجو اولاد عليءَ جي صلب مان ٿيڻو آهي") ۽ آڳ مان مراد : راند جو وارو، داءُ. مقصد ته جن نبين پنهنجين آزمائشن ۾ ڇوٽڪاري لاءِ دعائون گهريون، تن جو آڳون به امام حسينؑ ڪربلا جي ميدان ۾ ادا ڪري انسانيت ۽ دين الاهيءَ جو مان مٿاهون ڪيو. حضرت ابراهيمؑ پنهنجي پٽ کي ڪهڻ لاءِ اکين تي پٽي ٻڌي، ته متان الله جي راهه ۾ خون جو رشتو حائل ٿئي. حضرت ايوبؑ جو صبر ۽ استقامت عالم آشڪار آهي، پر جڏهن برپٽ بيابان ۾ ڏيهه نيڪاليءَ جي حالت ۾ سندس گهر واريءَ گذرندڙ قافلي کان، ايوب جي گهر واري ڏَسڻ ۽ ڪم ڪار ڪرڻ عيوض، ڪاڏ خوراڪ لاءِ چيو، ته انهن تصديق لاءِ ڪيس "سونهري وار" ڏيکارڻ لاءِ چيو. بي بي صاحبه مڙس کان اهڙي اجازت نه وٺڻ جو عذر ڏيکاريو، ۽ جڏهن اهڙي ڄاڻ حضرت ايوبؑ تائين پهچايائين، ته نبي سڳورو اهو ٻڌي غيرت ۾ گوڏن تائين واريءَ ۾ لهي ويو ۽ پوءِ الله کان اهڙين مصيبتن کان ڇوٽڪاري لاءِ دعا گهريائين:

"رَبَّهُ اِنِّي مَسَنِّيَ الضُّرُّ وَ اَنتَ اَرحَمُ الرّاحِمِين."

ڪربلا ۾ اهڙين مصيبت ڀرين آزمائشن جي تڪميل ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جتي امام حسين پنهنجي ۽ پنهنجي ٻچن جي خون سان دين جي آبياري ڪري، پنهنجي انا، ظاهري عزت ۽ رتبو تيچ ڀانئي، پنهنجي ناني جو شان بلند ڪيو. (جوکيو، 2008ع: 26- 27)

ڏاڙهي رت رتياس، ڏند ته ڏاڙهونءَ گل جيئن،
چوڏهين ماهه چنڊ جنءَ، پڙ ۾ پاڳڙياس،
ميڙي ۾ محمد جي، مَرُ مُرڪي ماس،
تنهن سورهيه کي شاباس، جو مٿي پڙ پرزا ٿئي.

مذهبي پهلو ڇڏي تهذيبي پهلوءَ سان ڏسبو ته شاهه صاحب حضرت امام حسينؓ جي ميدان جنگ واري ڪيفيت ۾ حالت توڙي جنگي لباس کي سنڌ جي تهذيبي

پسمنظر ۾پنهنجي ماڻهن کي سمجهايو آهي تہ جيئن اُهي امام حسينؓ جي سورهيائيءَ جو اندازو لڳائي سگهن.

## حوالا


1. انصاري عثمان علي (1988ع) ’سر ڪاموڏ‘- احمد خان مصراڻي- ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز حيدرآباد _
2. بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر (1996ع) ’شاهہ جو رسالو-شاهہ جو ڪلام‘ _ جلد ڏهون _ علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۾ اشاعت حيدرآباد
3. بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر- (1998ع ) شمارو 67، شاهہ جي رسالي متعلق تحقيقي رٿا جي تڪميل- *ماهوار ’السند‘ اسلام آباد*-
4. ڀٽي محمد صالح مخدوم هالائي (1965ع) ’ڪيڏارو‘ _ محمد يوسف اينڊ برادرس حيدرآباد.
5. جوکيو الطاف حسين- (2008) سر *ڪيڏارو ۾ شاهہ لطيف* — ’سر ڪيڏارو‘- سياحت ۾ ثقافت کاتو حڪومت سنڌ.
6. گربخشاڻي هوتچند ڊاڪٽر (1993ع) ’شاهہ جو رسالو‘ _ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو
7. سومرو عبدالغفار ڊاڪٽر- (2005ع) سيارو، *سماهي مهراڻ -سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد .*
8. شهواڻي غلام محمد (1961ع ) ’شاهہ جو رسالو‘ _ آر. ايچ احمد حيدرآباد
9. شيخ ٻانهو خان (2000ع) ’شاهہ جو رسالو‘ _ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي _ جلد پهريون
10. قاضي آءِ. آءِ علامہ- (1993ع) ’شاه جو رسالو‘- سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
11. مير عبدالحسين سانگي (1986ع ) ’لطائفِ لطيفي‘ _ ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز حيدرآباد
12. مرزا ڪاظم رضا بيگ- (1986ع) سيپٽمبر، ’سنڌي مرثيہ جي اوسر‘- *ماهوار پيغام، اطلاعات کاتو ڪراچي.*
13. وفائي دين محمد مولانا _ لطف اللطيف _ ص: 141


Shah Abdul Latif Bhitai Chair